# سچل سرمست جا بيتَ

سچل سرمست جو اصل نالو ميان عبدالوهاب هو. هُو سن 1152هه بمطابق 1739ع ۾ ڄائو هو، انهيءَ وقت سنڌ تي ڪلهوڙا حڪومت ڪندا هئا. پر هُو ٽالپرن جي دور جو بهترين شاعر ليکيو وڃي ٿو.

سچل سرمست ستن ٻولين ۾ شعر چيو آهي. انهيءَ ڪري ڪيس "هفت زبان شاعر" سڏيو وڃي ٿو. سنڌ جي هن بزرگ ۽ شاعر 14 رمضان 1242هه بمطابق 1827ع ۾ وفات ڪئي. سندس مزار راڻيپور جي ڀرسان درازن جي ڳوٺ ۾ آهي.

شال نہ وسرين هوت، ٻيو سڀ مون وسري،
مون ڪي تائين موتَ، هُئين اکڙين ۾.

منهنجو اندر اڏ ڪيو، فنا هن فراقَ،
مري ٿي مشتاقَ، ڪاڪر وَرَ، وِلهيءَ جي.

آرِيءَ جي اچڻ جي، روز نهاريان راهہ،
آڻيندس الله، مون سر صدقي ڪيو.

ساري شهر ڀنڀور جي، ڇَڏِي لوڪ لذت،
توريءَ ڏئي ڪونہ ڪو، ماڻهو عام عزت،
ٿئي ساهہ صحت، ٻيهر ٻاروچا اچين.

پيهي پروڙيومِ، تان پنهون پاڻ ئي آهيان،
پاڻ ئي منجهان پاڻ کي، هي پڙلاءُ پيومِ،
صحيح ڪن ڪيومِ، تہ غير گمانَ اُتِي ويا.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- حضرت سچل سرمست جي "هوت" مان مراد ڪهڙي آهي؟
2- پنهنجي محبوب جي انتظار ۾ شاعر جو ڪيئن ٿو وقت گذري؟
3- پنهونءَ جي جدائيءَ ۾ سسئيءَ کي ڀنڀور ڪيئن ٿو نظر اچي؟

(ب) هيٺين اصطلاحن جي معنيٰ لکو:

اکين ۾ هجڻ- لذت چڱڻ- سر صدقو ڪرڻ.

(ج) صفت: "منو اَنب يا ڪٽو اَنب" ۾منو ۽ ڪٽو اَنب جي خاصيت ڏيکارين ٿا، اِن کي گرامر ۾ صفت چئبو آهي. توهين اهڙا ڪي ٻيا مثال ڏيو.